# والدينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

28-October-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

28 آڪٽوبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# والدينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جو نور
سانَ جڳمڳائيندڙ چهرو
”ذبيح“ لقب ڇو مشهور ٿيو ؟
انسان جي قدروقيمت ۾ اضافو
لات ۽ عُزّيٰ جون دانهون
عالمِ ملڪوت ۾ خوشيون
شبِ جمعه جي هڪ فضيلت

# پيشڪش

مجلس اَلمَدِيْنَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

## نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي تہ اعتڪاف جي نيت ڪندا ڪيو تہ جيئن اعتڪاف جو ثواب ملندو رهي ۽ ضرورت پوڻ تي کائڻ، پيئڻ، سمهڻ وغيره بہ جائز ٿي وڃي. هتي هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکو تہ اعتڪاف جي نيت کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)** ٿئي سگهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري 12 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهي وٺو يا ٻيو ڪو نيڪ ڪم ڪيو. انشاءَالله ثواب وڌندو رهندو ۽ مسجد ۾ کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ وغيره بہ جائز ٿي ويندو.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**حضرتِ محمد بن عبدُالله** خَيّام سَمرقَندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڏينهن رستو وساري وينس، اوچتو هڪ شخص آيو ۽ اُن چيو: "مون سان گڏ هلو." مان ان جي پويان هلڻ لڳس. مون کي گُمان ٿيو تہ هي حضرتِ سيدُنا خِضَر

عَلَيْهِ السَّلام آهن. منهنجي پُڇڻ تي اُن پنهنجو نالو **خِضَر** ٻڌايو، ان سان گڏ هڪ ٻيو بُزرگ پڻ هو، مون ان جو نالو پڇيو تہ فرمايائون: هي **اِلياس** عَلَيْهِ السَّلام آهن. مون عرض ڪيو: **الله** پاڪ اوهان تي رحمت فرمائي، ڇا اوهان ٻنهي حَضَرات سرورِ ڪائنات، شَهنشاھ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي **زِيارت** ڪئي آهي؟ اُنهن فرمايو: ها! مون عرض ڪيو: بيڪسن جي مددگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻڌل ڪو ارشادِ پاڪ ٻڌايو تہ جيئن مان اوهان کان رِوايت ڪري سگهان، اُنهن فرمايو: اسان آقاءِ دو جهان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو شخص مون تي **دُرُود پاڪ** پڙهي ان جي دل **نِفاق** کان اهڙي طرح پاڪ ڪئي ويندي آهي جهڙي طرح پاڻي سان ڪپڙو پاڪ ڪيو ويندو آهي. ۽ جيڪو شخص ”**صَلَّي اللهُ علي مُحَمَّد**“ پڙهي تہ اهو پاڻ تي رَحمت جا 70 دَروازا کولي ڇڏيندو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| عاصیو جُرم کی دوا ہے دُرود | کیا دوا عینِ کیمیا ہے دُرود |
| ایک ساعت میں عمر بھر کے گناہ | کرتا معدوم اور فنا ہے دُرود |
| چھوڑیو مت دُرود کو کافی | راہِ جنت کا رہنما ہے دُرود[2] |

شعر جي مختصر تشريح: اي گناھ گارو درودِ پاڪ هر جرم جي دوا آهي دوا ڇا بلڪ جرم جي معافي ۾ اهڙي نادر شيء آهي جو هڪ لمحي ئي ۾ سڄي عمر جا گناھ ختم ڪري انهن کي متائي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري اي ڪافي دُرودِ پاڪ پڙهڻ نہ ڇڏجان جو جنت جي راھ جي لاءِ اهو رهنما جي حيثيت رکي ٿو.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اهي شعر مولانا ڪفايت الله ڪافي شهيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا آهن.

---

[1]... القول البد يع، الباب الثانی فی ثواب الصلاۃ والسلام ...الخ ،ص۲۷۷ ملتقطاً وملخصاً

[2]... نعتِ کافی، ص۳۹،ماہنامہ نعت لاہور۔

جن کي امام اهلِ سنت مولانا امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سلطانِ نعت جي لقب سان ياد ڪندا هئا جيئن پاڻ فرمايائون:

کافی سلطانِ نعت گویاں ہے رضا اِنْ شَآءَ اللہ میں وزیرا عظم

يعني مولانا ڪافي ڪي نعت خواني جو سلطان چيائون ۽ پاڻ ڪي عاجزي طور هن فن جو وزيراعظم چيائون.

مولانا ڪافي کي تحريڪ آزادي 1857 ۾ جهاد جي فتويٰ ڏيڻ سبب گرفتار ڪيو ويو ۽ سخت اذيتون ڏنيون ويون، جسم تي گرم اِستري تائين رکي وئي. زخمن تي لوڻ مرچ ٻُرڪيو ويو ۽ آخر ڪار اُن عاشقِ رسول کي سرعام چوڪ مراد آباد ۾ تختہ دار تي لٽڪايو ويو. ۽ شهادت جي تقريباً 35 سالن کان بعد مولانا ڪافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر کلي تہ ماڻهن ڏٺو تہ سندن جسم صحيح ۽ سلامت هو جڏهن تہ هينئر ڪفن ڏنو ويو آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

مسئلو: جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

❁ سنين سنين نيتن سان شروع کان آخر تائين بيان ٻُڌو ❁ اَدب سان ويهڻ جي نيت ڪيو ❁ جيڪڏهن قلم ۽ ڊائري اوهان وٽ آهي تہ اهم نڪتا نوٽ ڪرڻ جي بہ نيت ڪري ونو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي "**والدينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين ته والدِ مصطفيٰ جو **نور سان جڳمڳائيندڙ چهرو، حضرت عبدُ اللّٰه** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه **جو لقب "ذبيح" ڇو مشهور ٿيو؟ انسان جي قدر ۽ قيمت ۾ اضافو، لات و عُزّيٰ جون دانهون، عالمِ ملكوت ۾ خوشيون، شبِ جمعه جي هڪ فضيلت** ۽ ان ڪان علاوه **والدينِ مصطفيٰ** بابت ڪوڙ اهم ۽ مفيد ڳالهيون ٻڌڻ جي سَعَادَت به حاصل ڪنداسين. اِن شَآءَ اللّٰه

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نور سان جڳمڳ ڪندڙ چهرو

الله جي پياري آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڏي سائين حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه خواب ڏٺو: هڪ وڻ جنهن جي مٿي وارو حصو آسمان کي ڇُهي رهيو آهي ۽ ٽاريون اوڀر ۽ اولهه تائين پکڙيل آهن، ان مان هڪ نور ظاهر ٿيو آهي جنهن جي روشني سج جي روشني ڪان ستّر ڀيرا وڌيڪ آهي، عَرب ۽ عَجم ان جي سامهون سجدي ۾ آهن ۽ لمحه به لمحه ان جو نور وڌندو ئي پيو وڃي، قريش جو هڪ گروهه ان جي ٽارين سان لٽڪيل آهي ۽ ڪجهه قريش ان کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر جيئن ئي هُو ان وڻ جي ويجهو وڃن ٿا هڪ خوبصُورت نوجوان انهن کي پويان ڌڪو ڏئي ٿو، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڏاڏو حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه فرمائي ٿو: مون ان ڪان وڌيڪ حَسِين شخص ڪڏهن نه ڏٺو، نه ان جي خوشبو ڪان سٺي خوشبو ڪڏهن سُونگهي آهي، قريش جا اهي ماڻهو جيڪي وڻ ڪٽڻ چاهين ٿا، هي نوجوان انهن جون پاسراٽيون ٽوڙي ڇڏي ٿو ۽ ان جون اکيون اکيون ڪڍي ڇڏي ٿو. اک کلي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڏاڏو محترم حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه گهڻو خوف زده هو، چهري جو رنگ به بدليل هو، انهيءَ دنل ڪيفِيت ۾ قريش جي هڪ

خواب بيان ڪرڻ واري وٽ پهتو، ان کي خواب ٻڌايائين تہ ان جو رنگ بہ ڦڪو ٿي ويو، پوءِ ان ٻڌايو: جيڪڏهن اهو خواب سچ آهي تہ سندن اَولاد ۾ هڪ شخص اوپر ۽ اولهہ جو مالِڪ ٿيندو، ماڻهو ان جي پيروي ڪندا.[1]

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڏي حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه جو اهو خواب سچ ثابِت ٿيو، ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه حضرت فاطمہ بنت عَمرو مَخزومِيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڪان نڪاح فرمايو، ان مان والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ولادتِ باسعادت ٿي، پوءِ ان وٽ نورِ خدا، احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا.

خدانے بھیج کے نورِ نبی کو آپ کے گھر　　بتادیا ہمیں راشد ہیں پیارے عبدالله

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** منهنجي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو نور جيئن تہ والدِ مصطفيٰ حضرتِ عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جي پيشاني ۾ هو، ان ڪري جڏهن ان جي پيدائش ٿي تہ ان جو چهرو نور سان جڳمڳائي رهيو هيو جيئن تہ حضرتِ عباس بن عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرتِ عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ولادت ٿي، اُن جو چهرو نور سان ايئن جڳمڳائي رهيو هو جيئن سج چمڪندو آهي، والدِ محترم حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه ڏسي فرمايو: هن ٻار جو شان تمام مٿانهون آهي.[2]

حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه جو ايمان افروز خواب

حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه وڌيڪ بيان فرمائن ٿا: مون خواب ڏٺو تہ حضرت "عبدُ الله" جي جسم مان سفيد پکي نڪتو ۽ اڏامي اوپر کان اولهہ تائين پهتو پوءِ

[1]…دلائل النبوة، الفصل السادس، توقع الكهان وملوك الارض بعثته، جزء:اول، ص٥٤ملتقطًا.

[2]…خصائص الكبرى، باب ماظهر فى ليلة مولده صلى الله عليه وسلم...الخ، ٨٣/١ملتقطًا.

خانہ ڪعبہ تي اچي ويهي رهيو، سمورا قريش جا ماڻهو ان جي سامهون سجدي ۾ ڪِري پيا پوءِ اهو پکي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ اُڏامڻ لڳو. قريش جي هڪ خوابن جي تعبير بيان ڪندڙ ٻڌايو: اِهو خواب سچو آهي تہ حضرت عبدُ اللّٰہ جي گهر پٽ پيدا ٿيندو، اوپر ۽ اولهہ وارا ان جي پيروي ڪندا.[1]

نبی کے صدقے میں کیا کیا عنایتیں نہ ہوئیں

ہو چشمِ عدل تو شاہد ہیں پیارے عبداللہ

يعني والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُاللّٰہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تي اللّٰہ پاڪ پنهنجي نبي جي صدقي ۾ بيشمار عنايتون فرمايون، جيڪڏهن انصاف جي عينڪ سان ڏٺو وڃي تہ انهن عنايتن لاءِ حضرتِ عبدُ اللّٰہ جي ذات شاهد آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ اللّٰہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بيشڪ طيّب و طاهر ۽ بنو هاشم جا نيڪ سيرت ۽ خوبصورت ترين نوجوان هئا. ظاهري حُسن ۽ جمال ۽ باطني خوبين ۽ اخلاق ۾ خاندانِ قريش تہ ڇا بلڪ سڄي واديءِ بطحا يعني مڪي پاڪ ۾ سندن ڪو مَٽُ نہ هو. اعليٰ اخلاق جي سراپا تصوير هئا. ۽ ڇو نہ هجن ها جو هي هڪ اهڙي هستي جا والد بڻجڻ وارا هئا جن جي لاءِ اها بزمِ ڪائنات سجائي وئي، جن جي ذريعي دنيا کي علم ۽ دانش سان روشن ڪرڻو هو. هو جيڪي انسانيت جي عزت ۽ وقار، احترام ۽ ٻنهي جهانن جي خوشي ۽ ڪاميابي جو پيغام کڻي دُنيا ۾ تشريف فرما ٿيڻ وارا هئا.

**والدِ مصطفيٰ جو شان ڏسو** تہ انهن کي اهو حُسن ۽ جمال ڏنو ويو جيڪو قريش جي ٻين جوانن ۾ نہ هو، **والدِ مصطفيٰ جو شان ڏسو** تہ نيڪ وصفن ۾ سندن ثاني ڪوئي نہ هو، **والدِ مصطفيٰ جو شان ڏسو تہ ڪين مان ٻہ نور نڪرندا**

[1]...خصائص الكبرى، باب ماظهر فى ليلة مولده صلى الله عليه وسلم...الخ، ٨٣/١.

**ها هک اوپر ۽ پيو اولهہ کي گهيري وٺندو هو، والدِ مصطفيٰ جو شان ڏسو تہ پاڻ جنهن سکل وڻ هيٺ ويهندا ها تہ اهو وڻ سائو سرسبز ٿي ويندو هو ۽ سندن لاءِ جهڪي ويندو هو، والدِ مصطفيٰ جو شان ڏسو تہ پاڻ لات ۽ عُزيٰ بتن وٽان گذرندا هئا تہ انهن مان ٻلي جيان دانهُن جو آواز ايندو هو. والدِ مصطفيٰ جو شان ڏسو تہ الله پاڪ سندن مدد فرمائي ۽ گهوڙي سوار موڪلي ان تي حملو ڪندڙن کي ڀڄايو ويو ۽ انهن کي حفاظت سان گهر پهچايو ويو.**

والدِ مصطفيٰ جنتي جنتي
مادرِ مصطفيٰ جنتي جنتي
والدينِ مصطفيٰ جنتي جنتي

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! والدِ مصطفيٰ حضرتِ عبدُالله رَضِيَ اللهُ عَنۡه کي ذبيح جي لقب سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي، اچو هن لقب جو سبب پڻ ٻڌون ٿا.

## ”ذبيح“ لقب ڇو مشهور ٿيو...؟؟

هک ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڏاڏو حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنۡه حطيم پاڪ ۾ آرام ڪري رهيو هو، خواب ۾ حڪم ٿيو: اِحۡفِرۡ زَمۡ زَمۡ يعني زم زم جو کوهہ کوٽيو! جيڪو هک عرصو اڳ بند ڪيو ويو هو ۽ گڏوگڏ هنڌ جي نشاندهي بہ ڪئي وئي. ان وَقت پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡه جو هک ئي پٽ حارث هو، ان کي ساڻ ڪري کوٽائي شروع ڪئي، ڪنهن ان نيک ڪم ۾ سندن ساٿ نہ ڏنو، قريش بہ اُلٽو رڪاوٽ وڌي بلڪ بَعض بيوقوفن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡه کي اَذِيت پڻ پهچائي، ان وَقت پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡه باس باسي تہ الله پاڪ مون کي ڏهہ پٽ عطا ڪري جيڪي منهنجا مددگار ٿين تہ انهن مان هک کي شڪرانّي طور ذَبح ڪندس.[(1)]

---

[1]…شرح الزرقاني على المواهب، المقصد الاول…الخ، ذكر حفر زمزم…الخ، ١/١٧٣-١٧٢ملخصًا.

امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه جي پيشاني ۾ روشن هو، ان جي بَرَڪت سان پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه کي اهڙي باس باسڻ جو الهام ٿيو.[1]

ان واقعي کي ٽيھ (30) سال گذري چڪا هئا.[2] حضور جي ڏاڏي حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻيهر خواب ڏٺو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي عَبدُ المُطَّلِب! پٽ قربان ڪري پنهنجي باس پوري ڪيو...!! حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه بيدار ٿيو، تمام پٽن کي گڏ ڪري انهن کي معاملي بابت خبردار ڪيو،[3] سڀني ادب وچان چيو: پنهنجي باس پوري ڪيو! اسان مان جنهن کي چاهيو اوهان قربان ڪري سگهو ٿا.[4]

والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه سڀ کان پهريان اطاعت ڪئي ۽ پاڻ کي قرباني جي لاءِ پيش ڪيو،[5] حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه سڀني پٽن جا نالا لکي ڪعبہ شريف جي خادِم کي ڏئي ان کي قرعو (ڪٽو) وجهڻ جو فرمايو ۽ پاڻ دُعا ۾ مَصرُوف ٿي عَرض ڪيائين: الٰهي! مون هڪ پٽ قربان ڪرڻ جي باس باسي هئي تون جنهن کي پسند ڪرين، ان جو نالو ڪڍجان.[6]

والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جيڪي سڀني ڀائرن ۾ ننڍا ۽ حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه کي نهايت پيارا هئا، ڪٽو ان جي نالي جو نڪتو. حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه پنهنجي رب سان ڪيل وعدو نڀائڻ جي لاءِ پُرجوش هئا، "مَحبَّتِ الٰهي" ۾ سرشار ٿي هڪ هٿ ۾ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ٻانهن، ٻي

[1]...رسائل امام جلال الدين، مسالك الحنفا...الخ، المسلك الثانى، ص٣٨.

[2]...سبل الهدى، جماع ابواب نسبه...الخ، الباب الرابع فى شرح اسماء آبائه...الخ، ٢٤٤/١.

[3]...شرح الزرقانى على المواهب، المقصد الاول...الخ، ذكر حفر زمزم...الخ، ١٧٦/١-١٧٧ملخصًا.

[4]...سبل الهدى، جماع ابواب نسبه ...الخ، الباب الرابع في شرح اسماء آبائه... الخ، ٢٤٤/١.

[5]...سيرت حلبية، باب تزويج عبد الله...الخ، ٥٤/١

[6]...شرح الزرقانى على المواهب، المقصد الاول...الخ، ذكر حفر زمزم...الخ، ١٧٦/١-١٧٧ملخصًا.

۾ ڇُري پڪڙي ۽ باس پوري ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.[1]

**الله اڪبر!** پٽ ۽ اهو بہ جيڪو سڀ کان وڌيڪ پيارو هجي، پنهنجي هٿن سان ذَبَح ڪرڻ دِل ڪيئن ٿي گوارا ڪري سگهي؟ پر قربان تجي! هن خاندان جو شان ئي نرالو آهي! صديون پهريان هن خاندان جي جدّ اَمجَد حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام عرب جي انهيءَ ريگستان ۾ مَحبَّتِ الٰهي سان سرشار ٿي پنهنجي سِڪيلڌي ۽ دادلي پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ڳلي تي ڇُري رکي هئي ۽ مَحبَّتِ الٰهي جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي دُنيا جهان کي حيرت ۾ وڌو هو، اڄ ان جا شهزادا حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه انهيءَ حڪايت کي دُهرائڻ جي لاءِ تيار آهن، الله! الله...!! نہ نرڙ تي ڪو گنج نہ اکين ۾ لڙڪ. **توڙي جو پيءُ جي دِل آهي پر عشقِ الٰهي ۾ اهڙي مضبوط آهي جو نہ ڏڪن بيهي ٿي، نہ هٿ ڏڪي ٿو. ٻي پاسي حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه کي ڏسو! مَحبَّتِ حق سان مَعمُور سينو، نہ جهجڪ نہ ڪو خوف، پيشاني ۾ ٻنهي جهانن جو نور ڳنيو بيخودي ۾ پنهنجي ڏاڏي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي سُنّت نڀائڻ جي لاءِ دِل ۽ جان سان تيار آهن.**

قريب هو جو حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه پنهنجي پياري شهزادي جي ڳلي تي ڇُري هلائي باس پوري ڪن ها ۽ زمين ۽ آسمان کي حيران ڪن ها، قريش جا سردار وچ ۾ اچي وڏي عاجزي سان عَرض گذار ٿيا: اي سردار! ڇا ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا؟ فرمايائون: پٽ قربان ڪندس. چوڻ لڳا: اسان ڪڏهن بہ اهو ٿيڻ نہ ڏينداسين، اوهان پنهنجي ربّ سان مَعذرَت ڪيو! اَڄ اوهان پٽ قربان ڪيو تہ سڀاڻي سڀئي اوهان جي پيروي ڪندا ۽ اهو ئي طريقو رائج ٿي ويندو.[2]

حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه پُرجوش لهجي ۾ فرمايو:

الله جنهن جي حمد ۽ ساراهہ جهڙي ڪنهن جي ساراهہ ناهي، ان جو قسم! مان

---

[1]...شرح الزرقانی علی المواهب، المقصد الاول...الخ، ذکر حفر زمزم...الخ،۱۷۷-۱۷۸ ملخصًا.

[2]...شرح الزرقانی علی المواهب، المقصد الاول...الخ، ذکر حفر زمزم...الخ،۱۷۷-۱۷۸ ملخصًا.

پنهنجي ربّ ڪريم سان ڪيل وعدو ضرور پورو ڪندس. هو منهنجو موليٰ، مان ان جو ٻانهو ۽ مون ان جي لاءِ ٻاس ٻاسي آهي ته مان ان جي خِلاف ڪرڻ پسند نٿو ڪيان. جيڪڏهن ائين ڪيان ته مون کي زِندگي سان ڪو پيار ناهي.[1] قريش جي سردارن ۽ حضور جي ڏاڏي محترم حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِیَ اللهُ عَنْه جي وچ ۾ ڪافي بحث ٿيندو رهيو، نيٺ عرب جي هڪ تعبير ڪندڙ عورت کان فيصلو ڪرائڻ جو طئي ٿيو، اها ان وَقت خيبر ۾ هئي، ان سڄو واقعو ٻُڌي هڪ ڏينهن جي مهلت گُهري، اڳئين ڏينهن چيائين: توهان وٽ ديت يعني جان جو فديو ڪيترو آهي؟ ٻڌايو ويو: ڏهه اُٺ. چيائين: مڪي موٽي وڃو ۽ حضرتِ عبدُاللّٰه ۽ ڏهن اُٺن جي وچ ۾ ڪٺو وجهو، جيڪر حضرت عبدُ الله جو نالو نڪري ته اُٺن جو تعداد وڌائي ڇڏجو، جيستائين قرعه اندازي ۾ اُٺن جو نالو نڪري نه اچي، اُٺن جو تعداد وڌائيندا رهو، جڏهن اُٺن جو نالو نڪري سمجهي وٺو ته عبدُ الله جي فديي ۾ ايترن اُٺن جي قرباني تي توهان جو ربّ راضِي آهي. ان تي سڀني جو اتفاق ٿيو. مَڪه مُڪرَّمَه اچي قرعه اندازي شروع ٿي، پهريان ڏهه پوءِ ويهه، وري ٽيهه اُٺن تي قرعو وڌو ويو، هر ڀيري حضرت عبدُ الله رَضِیَ اللهُ عَنْه جو نالو آيو، ڪندي ڪندي 100 اُٺن تي پهتا ته اُٺن جو نالو نڪتو، قريش چيو: بَس! اي عَبدُ المُطَّلِب! اوهان جو ربّ سو اُٺن تي راضِي آهي. فرمايائون: مون کي اطمينان ناهي، الله پاڪ جو قسم! مان ٽي ڀيرا ڪٺو وجهندس. ٽي ڀيرا قُرعه اندازي ٿي ۽ ٽئي ڀيرا اُٺن ئي جو نالو نڪتو. هاڻي حضرت عَبدُالمُطَّلِب رَضِیَ اللهُ عَنْه مطمئن ٿيا ۽ حضرت عبدُ الله رَضِیَ اللهُ عَنْه جي فديي ۾ سَو اُٺ قربان ڪري الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيائون.[2]

هن واقعي کان بعد والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِیَ اللهُ عَنْه جو لقب ”ذبيح“ ٿيو.

---

[1]…سيرت ابن اسحاق، نذر عبد المطلب، ص۱۲.

[2]…شرح الزرقاني على المواهب، المقصد الاول...الخ، ذکر حفر زمزم...الخ،۱۷۸-۱۸۰ملخصًا.

حضرت اميرِمعاويہ رَضِیَ اللّٰه عَنْه فرمائن ٿا: عرب جي هڪ ڳوناٽي بارگاهِ رِسالت ۾ حاضِر ٿي چيو: ياابنَ الذَّبِيحَين! اي ٻن ذبيحن جا پٽ! رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهو ٻڌي مُرڪيا.[1]

اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڪي ناپسند نہ ڪيائون حضرتِ معاويہ رَضِیَ اللّٰه عَنْه ڪان ٻين صحابي سڳورن پڇيو، ٻہ ذبيح ڪير آهن؟ چيائون حضرتِ سيدنا اسماعيل ذبيح الله عَليہ السَّلام ۽ والدِ مصطفيٰ حضرتِ سَيدُنا عبدُ الله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه

| | |
|---|---|
| میں ہوں ابنِ دو ذبیح ارشاد حضرت نے کیا | یعنی اسماعیل جو جدّ عرب ہیں بَرملا |
| اور عبداللہ جو ہیں والدِ خیر الوریٰ | ذبح کرنے کے لیے تھا باعثِ الہام کیا |
| اس میں ایک نکتہ ہے یعنی جس کے ہوا ایسا پسَر | باپ دادا چاہیے قرباں ہوں اس پر سربسَر (2) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| والدِ | مصطفيٰ | جنتی | جنتی |
| مادرِ | مصطفيٰ | جنتی | جنتی |
| والدینِ | مصطفيٰ | جنتی | جنتی |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انسان جي قدر ۽ قيمت ۾ اضافو

پيارا اسلامي ڀائرو! خاندانِ مصطفيٰ جو شان ڏسو تہ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي ڳالھ پوري ڪرڻ جو جذبو ۽ ڪمي جو خوف اهڙو هو جو هڪ پيري ڪٽو وجهڻ تي ڳالھ ختم نہ ڪئي ۽ پنهنجي مال کي نہ ڏٺائون بلڪ ذاتِ خدا

[1]...مستدرك، كتاب تواريخ المتقدمين ...الخ، بيان الاختلاف...الخ، ٤٢٤/٣، حديث:٤٠٩٠.
[2]...سیرتِ والدینِ مصطفیٰ، ص٥٠،

جي بارگاهہ ۾ باسيل باس تي نظر هئي ۽ تي پيرا ڪٺو ڪيڏي دل کي مطمئن ڪيائون ۽ پوءِ سو (100) اُٺ ذبح ڪيائون ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ اهو عمل ايترو پسند ڪيو ويو جو اُمّتِ محمديہ ۾ انهيءَ کي انسان جي ديت (خون جو فديو) قرار ڏنو ويو. جيئن تہ

حضرت اِبنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: عرب ۾ دِيت ڏهہ اُٺ هئي، سڀ کان پهريان حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه سو اُٺ ذَبح ڪيا، ان کان بعد اهو طريقو رائج ٿي ويو، رَسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڻ ان کي برقرار رکيو. [1]

## وڃ! اسان توهان کي راهِ خدا ۾ وقف ڪيو...!!

**ياد رکو!** اسان مان ڪنهن جي لاءِ بہ جائز ناهي تہ هو پنهنجي اولاد کي ذبح ڪري ۽ راهِ خدا ۾ ان جي قرباني ڏي. فرض ڪيو جيڪڏهن ڪنهن کو خواب بہ ڏنو تہ امتي جي خواب جي شرعي ڪا حَيثِيت نہ آهي جو ان تي عمل ڪرڻ واجب ٿئي.

**اي عاشقانِ رسول!** اوهان حضرت عَبدُ المُطَّلِب ۽ حضرت **عبدُ الله** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جو جانثاري وارو جذبو ڏٺو. ڪاش! اسان جي دِل ۾ بہ الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَحبَّت اهڙي رَچي وڃي جو جان ۽ مال، آل ۽ اَولاد، وَقت، دولت سڀ ڪجھ راهِ خدا ۾ قربان ڪرڻ کان بلڪل نہ لنوايون.

اي عاشقانِ صحابہ! پنهنجي اَولاد کي وقفِ مدينہ ڪيو، جامعة المدينہ ۾ داخِل ڪرايو، انهن کي نمازي، پرهيزگار، سنتن جو پابند، پڪو ديندار بڻايو، مبلغ دعوتِ اسلامي، مَدَني قافلن جو مُسَافِر بڻايو ۽ دين جي خدمت جي سعادت حاصِل ڪيو...!!.

اي ڪاش! اسان کي بہ ۽ اسان جي اولاد کي بہ علمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو شوق نصيب ٿي وڃي، اسان جو وقت، اسان جو مال دِينِ اسلام جي سر بُلندي

[1] ...طبقات ابن سعد، ذكر نذر عبد المطلب...الخ، ٧٢/١.

جي لاءِ قبول ٿي وڃي. بساوقات اهو به ڏسڻ/ ٻڌڻ لاءِ ملندو آهي ته ماڻهو دعائون ڪرائيندا آهن ته اسان جو اولاد نيڪ نمازي ٻڻجي وڃي، حافظِ قرآن ٻڻجي وڃي پر ان سان گڏ اسان پنهنجي باري ۾ به غور ڪيون ته مان جيڪو پنهنجي اولاد جي لاءِ دُعائون گهرائي رهيو آهيان، ڇا مون کي نيڪ ٻڻجڻ جي حاجت نه آهي، ڇا مون کي به پابندي سان نماز ناهي پڙهڻي؟ ڇا مون کي به دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نه اچڻ گهرجي؟. اسان پنهنجو اهو ذهن ٺاهيون ته مون کي به جنت ۾ وڃڻ وارا عمل اپنائڻا آهن ۽ پنهنجي اولاد کي به راهِ جنّت تي هلائڻو آهي. اسان جي بزرگ سڳورن جي تعليم ۽ عمل اهو هو جو اهي پنهنجي اولاد جي ديني تربيت ان انداز سان ڪندا هئا جو جيڪڏهن ان کي راهِ خدا ۾ وقف ڪري ڇڏيندا ها ته پاڻ وٽ واپس گهرائڻ به درست نه سمجهندا هئا ۽ ان کي راهِ خدا ۾ ئي رهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا جيئن

## الله پاڪ جي نالي تي وقف ڪري واپس نه وٺو

حضرت سيدُنا سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي عمر جڏهن پندرهن سال ٿي ته پنهنجي ماءُ کي عرض ڪيائين: ”اي امڙ سائڻ! مون کي الله پاڪ جي راهه ۾ وقف فرمايو“ امڙ چوڻ لڳي: ”اي منهنجا پٽ! بادشاهن کي اها شيء تحفي ۾ ڏني ويندي آهي، جيڪا انهن جي شان وٽان هجي، تو ۾ اهڙي ڪا خوبي ناهي جيڪا الله پاڪ جي شان جي مطابق هجي.“ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي حَياء آيو ته پاڻ گهر ۾ هڪ ڪمرو پنهنجي لاءِ خاص ڪري ورتو ۽ ان ۾ پنج سالن تائين عبادت ڪندا رهيا. هڪ ڏينهن جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والده محترمه پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ آيون، ڏٺائين ته سندن پٽ عبادت ۾ مصروف آهي ۽ ان تي سعادت جا آثار نمايان آهن، ماءُ کي يقين ٿي ويو ته هاڻي منهنجو پٽ اهڙو ٿي چڪو آهي جو جنهن کي مان پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ پيش ڪري سگهان ٿي ته نيڪ والده پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پيشاني چمي ڪري فرمايو: ”اي منهنجا پٽ! هاڻي مان توکي پنهنجي

ربِ ڪريم جي راھ ۾ وقف ڪيان ٿي.“ والده جي اجازت ملڻ ٿي ھئي جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه راھ خدا ۾ سفر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، ڏھ سال سفر ۾ رھيا ۽ عبادت جي لذّت حاصل ڪندا رھيا. ھڪ ڏينھن ڪين پنھنجي والده محترمہ جي زيارت جو شوق ٿيو تہ گھر جي طرف موٽيا. رات جي وقت جڏھن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه گھر پھتا تہ دروازو کڙڪايو تہ پردي پٺيان سندن والده محترمہ جو آواز آيو:”اي سفيان! جيڪو الله پاڪ جي نالي تي ڪا شيءِ وقف ڪندو آھي اھو واپس ناھي وٺندو. مون توکي الله پاڪ جي نالي تي وقف ڪيو آھي، ھاڻي مان توکي صرف انھيءَ جي سامھون ڏسڻ چاھيان ٿي.“ (1)

| | |
|---|---|
| جان ودل یارب ہو قربانِ حبیبِ کبریا | اور ہاتھوں میں ہو دامانِ حبیبِ کبریا |
| ہم سیہ کاروں کی بخشش کی کوئی صورت نہیں | جُز ترے اے چَشمِ گریانِ حبیبِ کبریا (2) |

شعرن جي وضاحت: اي اسان جا ربّ ڪريم اسان جي جان ۽ دل تنھنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي قربان ٿين ۽ اسان جي ھٿن ۾ ان جو دامن رھي ڇوتہ اسان گناھگارن جي بخشش جي صورت فقط امت جي خاطر روئڻ وارا محبوبِ خدا مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي آھن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون بَرڪتون

والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي پيشاني مُبَارَڪ ۾ نورِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ روشن ھو، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ان جون برڪتون ڏسندا ھئا. ھڪ ڏينھن پنھنجي والدِ حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي خدمت ۾ حاضِر ٿي ٻڌايائون: مون

---

1... حکایتیں اور نصیحتیں،ص۲۶۴۔
2... قبالۂ بخشش، ص۶۰۔۶۱۔

مان بہ نور ٻاهر نڪري پکڙجي ويندا آهن، انهن مان هڪ اوپر ۽ ٻيو اولهہ کي ڏکي وڃندو آهي، پوءِ اهي بہ نور گول گھمي بادل وانگر ٿي ويندا آهن، پوءِ آسمان ڪُلندو آهي ۽ ٻئي نور آسمان ۾ وڃي گھڙي کن ۾ واپس موٽي ايندا آهن، وڌيڪ اهو تہ مان جنهن هنڌ ويهان ٿو تہ زمين مان آواز اچي ٿو: اي اهي جن ۾ نورِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ امانت طور رکيو ويو آهي، اوهان تي سلام هجن! جڏهن مان خشڪ زمين يا سُڪل وڻ هيٺ ويهان ٿو، تہ اهو يڪدم سائو ٿي وڃي ٿو ۽ ان جون ٽاريون مون ڏانهن جهڪڻ لڳن ٿيون، جڏهن اتان ڪان اٿي وڃان ٿو تہ پنهنجي پهرين حالت تي موٽي اچي ٿو. اهو ٻُڌي حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: پٽ! مُبَارَڪ اٿئي! مون کي اميد آهي تہ اهو نورِ مڪرم جنهن جو اسان سان وعدو ڪيو ويو آهي، اوهان مان ئي ظاهر ٿيندو، تنهنجي وِلادت کان پهريان مون خواب ڏٺا انهن مان اهو ئي اشارو ملي ٿو تہ اوهان ٻنهي جهانن ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت واري رسولِ خدا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا والد ٿيندؤ.[(1)]

## لات ۽ عُزّي جون دانهون

والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جڏهن بہ عَرَب جي بن وڏن بُتن ”لات ۽ عُزّٰي“ جي ويجهو ويندا هئا تہ اهي ٻلي جيان دانهون ڪندي چوندا ها: اي اهي جنهن ۾ نورِ مُحَمَّد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ امانت طور رکيو ويو آهي! اوهان جو اسان سان ڪهڙو تَعَلُّق!! اسان جي ۽ دنيا جي تمام بُتن جي هلاڪت مُحَمَّد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هٿان ٿيندي.[(2)]

---

[1]…تاريخ الخميس، الطليعة الثالثة، ذكر ولادة عبد الله، ١/٣٣١.

[2]…تاريخ الخميس، الطليعة الثالثة، ذكر ولادة عبد الله، ١/٣٣٢.

شک ان کے ایمان پہ کرنے سے پہلے یاد رکھو
مرے رسول کے والدِ ہیں پیارے **عبدالله**

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اهڙي خاندان ۾ موڪليو جنهن جو حسب ۽ نسب پاڪيزه هو. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا والد ۽ والده ٻنهي جو خاندان عرب جي بهترين قبيلي، بهترين قوم ۽ بهترين شاخ مان آهي. اها ہہ حقيقت آهي تہ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سڄو شجرو نسب محترم ۽ نامَوَر شخصيتن تي مشتمل آهي، اهي سڀ جا سڀ پنهنجي قوم جا سردار ۽ رهنما هئا ۽ معاشري ۾ مرڪزي حيثيت رکندا هئا. الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ابا ڏاڏا سڀئي الله پاڪ کي هڪ مڃڻ وارا هئا. انهن مان ڪو هڪ بہ اهڙو نہ هو جيڪو الله پاڪ کان علاوه ڪنهن ٻي جي عبادت ڪندو هجي.

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ڪڏهن ماڻهو ٻہ گروه نہ ٿيا پر مون کي الله پاڪ بهتر گروه ۾ ڪيو تہ مان پنهنجي ماءُ پيءُ مان اهڙو پيدا ٿيس جو جاهليت واري دور جي ڪا ڳالهہ مون تائين ناهي پهتي ۽ مان خالص نڪاح صحيح مان پيدا ٿيس آدم کان وٺي پنهنجي والدين تائين، تہ منهنجو نفس ڪريم توهان سڀني کان افضل ۽ منهنجا پيءُ توهان سڀني جي والدين کان بهتر آهن.[1]

والدِ مصطفيٰ جنتی جنتی
مادرِ مصطفيٰ جنتی جنتی

[1]…فتاویٰ رضویہ،۳۰/۲۸۲.

والدين مصطفيٰ جنتي جنتي

## صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻڌو تہ والدِ مصطفيٰ حضرتِ عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنۡه قريش ۾ ۽ پنهنجي سيني پيڻ ڀائرن ۾ نمايان هئا ۽ رسولِ مکرم رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نور جن پُشتن مان آيو، اهي سيئي الله پاڪ جي ذات تي ايمان رکندڙ هئا. اچو هاڻي والده ماجده حضرتِ آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جو تذڪرو ٻڌون تا تہ الله پاڪ پنهنجي نبي جي نور جي لاءِ انهن کي ڪيئن چونڊيو:

## يمني عالِم جي اڳڪٿي

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڏاڏا حضرت عَبدُ المُطَّلِب رَضِيَ اللهُ عَنۡه پنهنجي شهزادي جي لاءِ فڪر مند هئا ۽ ان جي لاءِ اهڙي عَورَت جي ڳولها ۾ هئا جيڪا حُسنِ صُورت سان گڏوگڏ اعليٰ سيرت ۽ ڪردار جي مالِڪ، حسب ۽ نسب ۽ پادامني ۽ پارسائي ۾ بہ ممتاز هجي. فرمائن ٿا: سرديءَ جو موسم هو، اسان تجارتي قافلي سان گڏ يمن وياسين، اتي زَبُور شريف تي ايمان رکڻ واري هڪ عالِم سان منهنجي ملاقات ٿي، ان جي پڇڻ تي مون ٻڌايو تہ مان قبيلہ قريش ۾ بنو هاشِم مان آهيان. ان منهنجي چهري جي بَعض حصي کي غور سان ڏسي چيو: مان شاهدي ڏيان ٿو تہ اوهان جي هڪ هٿ ۾ بادشاهت ۽ ٻي ۾ نبوت آهي پر اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو...!! اسان جي عِلم مُطَابِق نبوت بنو زُهره جي حصي ۾ آهي. پوءِ چوڻ لڳو: جڏهن اوهان واپس وڃو تہ بنو زُهره ۾ نِڪاح ڪيو.[1]

## حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا

"بنو زُهره" قريش قبيلي جي هڪ شاخ آهي، حضرت آمنہ بنت وَهب رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا

[1]...مستدرك، كتاب تواريخ المتقدمين ...الخ، ذكر اخبار سيد المرسلين ...الخ، ٣/٤٩٧، حديث:٤٢٣٢.

جن جو تَعَلُّق بنو زُهره سان هو، حسب ۽ نسب ۽ مقام ۽ مرتبي جي لحاظ کان ان وَقت جي تمام عورتن ۾ افضل ۽ اعليٰ هيون، الله پاڪ کين ظاهري حُسن ۽ جمال سان گڏوگڏ اعليٰ اَوصاف ۽ ڪردار ۽ باطني ڪمالات سان بہ خوب نوازيو هو، عقل مندي ۽ دانائي جي سبب اوهان کي ”حَڪيمَہ“ چئي پُڪاريو ويندو هو.[1]

## ”آمنہ“ نالي جي وضاحت

مُفسِّرِ قرآن مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آمنہ جي معنيٰ آهي: ايمان واري بيبي يا اَمان واري بيبي يا امانت واري بي بي رَضِیَ اللهُ عَنْها. وڌيڪ فرمائن ٿا: ”آمنہ“ ۾ 4 اکر آهن: ﴿1﴾: الف، ﴿2﴾: ميم، ﴿3﴾: نون ۽ ﴿4﴾: ها. الف مان ”الله“ جي طرف اشارو آهي، ”ميم“ مان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جانِب، ”نون“ مان نور جي طرف ۽ ”ها“ مان هدايت ڏانهن.

تم سے ایمان و امانت اور امن
تم سے فیضاں، تم سے عرفاں آمنہ
آمنہ کے تین معنیٰ بالیقیں
با امانت، امن و ایماں آمنہ
تم سے اللہ و محمد ہیں عیاں
نور و ہدیٰ تم میں پنہاں آمنہ[2]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...تاريخ الخميس، الطليعة الثالثة، ذكر تزوج عبد الله آمنة، ٣٣٥/١ بتغير قليل.
[2]...رسائل نعیمیہ، دیوان سالک، ص ۳۲ بتقدم وتاخر۔

## جاهليت واري دور ۾ بي پردي جو اهتمام

امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نالي وارو مصنف، تمام وڏو مفسر، محدث، فَقيہ، شاعر، تاريخ دان ۽ ماهر لغت هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي زماني جو مجدِّد ۽ تمام وڏو عاشقِ رسول به هو. ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي 75 ڀيرا جاڳڻ واري حالت ۾ پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي. ۽ پاڻ هڪ اهڙو تفسير لکيو آهي جنهن ۾ ڏهه هزار کان وڌيڪ حديثون نقل ڪيون اٿس ۽ سندن ڪتابن جو تعداد 200 کان وڌيڪ آهي ۽ پاڻ والدينِ مصطفيٰ جي ايمان تي 6 رسالا پڻ لکيا آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سَيدَہ آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا پاڪ دامن، پرده دار ۽ گهر جي چار ديواري ۾ رهي ڪري مردن جي ميل جول کان پري رهڻ واري خاتون هئي.(1)

## بي پردگي بي عقلن جو طريقو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام کان پهريان واري دور ۾ جڏهن خالي بي پردگي نه فحاشي به عام هئي، انهيءَ زماني جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى (پ٢٢، الاحزاب: ٣٣) | **ترجمو ڪنز العرفان:** ۽ اڳوڻي جاهليت جي بي پردگي جيان بي پرده نه رهو. |

سُبحٰن الله! مصطفي ڪريم جي والده، حضرت آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اهڙي ماحول ۾ به باپرده ۽ باحيا رهيون. مَعلُوم ٿيو بلند ڪردار ماڻهو زماني جي انڌي تقليد ناهن ڪندا، بلڪ عقل ۽ دانائي سان ڪم وٺندا آهن ۽ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار اپنائيندا آهن، اهو به معلوم ٿيو ته جاهليت واري زماني ۾ به بي پردگي بي عقل بلڪ

---

1...رسائل امام جلال الدين، مسالك الحنفا...الخ، المسلك الاول، ص١٧.

اُبتي عقل وارن جو طريقو هو، نہ تہ ان وَقت جا ماڻهو پرده دار خاتون حضرت آمنہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها کي ”حَکِيمَہ يعني عقل مند ۽ دانا خاتون “ جو لقب نہ ڏين ها. **سيده آمنہ** رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جو شان ڏسو تہ اللّٰہ پاڪ** انهن کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ امڙ طور چونڊيو، **سيده آمنہ** رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جو شان ڏسو تہ** هيءَ پنهنجي قوم ۾ اعليٰ نسب واري هئي. **سيده آمنہ** رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جو شان ڏسو تہ** هيءَ انتهائي شريف هئي. **سيده آمنہ** رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جو شان ڏسو تہ** پنهنجي زماني جي سڀ کان نيڪ صفتن واري صحابيہ خاتون هئي. **سيده آمنہ** رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جو شان ڏسو جو** هوءَ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جي مالڪ هئي. **سيده آمنہ** رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جو شان ڏسو تہ** پاڻ نهايت پاڪيزه خاتون هئي.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان ٻڌو تہ سيده، طاهره، والدهءِ ماجده حضرتِ آمنہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡها **جاهليت** واري دور ۾ باپرده رهيون. **اللّٰہ پاڪ** اسلام جي ذريعي عورتن تي اهو احسان ڪيو جو انهن کي پردي جو حڪم ڏنو. ۽ اهو حڪم بي شمار حڪمتن تي مشتمل آهي. پردو عورتن جي عزت جو محافظ آهي، پردو دلين جي پاڪيزگي ۽ طهارت جو ذريعو آهي، پردو عورت جي فطري حياءُ جي تقاضا آهي. پردو جديد سائنسي تحقيق جي لحاظ سان چهري جي جلد کي سج جي نقصانده شعاعن کان بچائي ٿو، پردو جلد کي گرمي جي تپش سبب سڙي خراب ٿيڻ کان بچائي ٿو. ۽ پردو چهري جي بيمارين جو سبب ٿيندڙ مٽي ۽ دز جي ذرات کان بچائي ٿو.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ان ڳالهين کي بيان ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسان پنهنجي گهر تي نظر وجهون. ڪٿي اها بي پردگي جي خرابي اسان جي گهرن ۾ تہ ناهي، جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اسان کي نيڪي جي دعوت ڏئي پردو ڪرائڻو پوندو، ڇوتہ بي پردگي جهنم ۾ وڃڻ جو ذريعو آهي ۽ اسان کي قرآن

---

[1]…مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات حمله صلى الله عليه وسلم، ٦٠/١.

پاڪ حڪم ارشاد فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ (سورۂ تحريم،پاره۲۸،آيت۶) | **ترجمو ڪنز العرفان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ گهروارن کي ان باھ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن. |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت عبدُ اللّٰه رَضِيَ اللهُ عَنْه جي هڪ ڪرامت

حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو پيءُ حضرت وَهب رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ ڏينهن شِڪار جي لاءِ جنگل ويو، اتي ان عجيب منظر ڏٺو، حضرت عبدُاللّٰه رَضِيَ اللهُ عَنْه جيڪي شڪار جي لاءِ آيا هئا، جنگل ۾ اڪيلا آهن ۽ يهود جا تقريباً نوي (90) ماڻهو اگهاڙيون تلوارون کڻي کين گهيري ورتو هو. حضرت وَهب رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ قرشِي نوجوان کي مشڪل ۾ ڏسي مان ان جي مدد جي لاءِ وڌڻ وارو ئي هئس جو اوچتو چند گهوڙي سوار ظاهر ٿيا، اهي انسانن جهڙا نہ هئا، انهن ايندي ئي يهودي گروھ تي حملو ڪري انهن کي ماري ڀڄايو ۽ والدِ مصطفيٰ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه کي حفاظت سان انهن جي گهر تائين پهچائي ڇڏيو.[1]

## حضرت عبدُ اللّٰه ۽ آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو مبارڪ نڪاح

اهو منظر ڏسي حضرت وَهب رَضِيَ اللهُ عَنْه حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ دِل ئي دل ۾ پختو ارادو ڪري ورتو تہ پنهنجي نورِ نظر آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو نِڪاح ان ئي سان ڪندس. گهر اچي پاڻ پنهنجي زال يعني حضرت آمنہ

[1]…تاريخ الخميس، الطليعة الثالثة، ذكر تزوج عبد الله آمنة، ۱/۳۳٤ بتغير قليل.

عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي والِده حضرت بِرَّه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي سچو واقعو ٻڌائي چيو: عبدُ الله قريش جا سڀ کان سهڻا ۽ جميل ۽ اعليٰ نسب وارا آهن، مان پنهنجي نياڻي آمنہ جي لاءِ ان کان عِلاوه ڪنهن کي پسند نٿو ڪيان. پوءِ پنهنجي دِلي تمنا حضرت عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنْه تائين پهچائي ڇڏي، خدا جو شان جو حضرت عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنْه پنهنجي نورِ نظر حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جي لاءِ جهڙي خاتون جي ڳولها ۾ هئا، اهي تمام خوبيون حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۾ ڪامِل طور تي مَوجُود هيون، لهٰذا حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنْه ان رشتي کي خوشي سان قبول ڪري ورتو.[(1)] پوءِ چوويهه (24) سالن جي عُمر مُبَارَڪ ۾ حضرت عبدُ الله رَضِيَ اللهُ عَنْه جو حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نِڪاح ٿيو.[(2)]

آئی ندا کہ آمنہ جاگے تیرے نصیب
آئیں گے تیری گود میں اللہ کے حبیب
گودی میں تو کھلائے گی آج اپنے لال کو
اللہ نے کیا ماہِ کامل ہلال کو[(3)]

والدِ مصطفيٰ جنتی جنتی
مادرِ مصطفيٰ جنتی جنتی
والدینِ مصطفيٰ جنتی جنتی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...تاريخ الخميس، الطبعة الثالثة، ذكر تزوج عبد الله آمنة، ٣٣٤/١ بتغير قليلٍ.
[2] ... سیرت مصطفی، ص٥٩بتغیر قلیل۔
[3] ...مرآة المناجيح، ٢١/٨۔

## اللّٰه جي وليہ سيده آمنہ

اللّٰه جي وليہ سيده آمنہ کي اهو شرف حاصل هو تہ ولادت جي ڏينهن ۾ هر مهيني ۾ ڪين نبي سڳورن جي زيارت ٿيندي هئي. اللّٰه جي وليہ سيده آمنہ کي اهو شرف حاصل هو جو ولادتِ مصطفيٰ جي وقت مڪي ۾ رهندي شام جي محلن کي ڏٺائون. اللّٰه جي وليہ سيده آمنہ کي اهو شرف حاصل هو جو پاڻ اصحابِ فيل کي ابابيل جو پٿريون هڻڻ واري واقعي کي ڏٺو هو. اللّٰه جي وليہ سيده آمنہ کي اهو شرف حاصل هو جو پاڻ سرور ذيشان سلطانِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ننڍپڻ ۾ ئي سندن نبي هئڻ جي تصديق ڪئي هئي.

## والدينِ مصطفيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا صحابي آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نبين جي سلطان، رسولِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري حيات ۾ جاڳندڙ اکين سان ايمان جي حالت ۾ زيارت ڪرڻ ۽ ايمان ئي تي دُنيا مان لاڏاڻو ڪري وڃڻ واري کي صَحَابِي چوندا آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه! والدينِ مصطفيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا صَحَابِي آهن ۽ صحابي بہ ڪهڙا انوکا آهن جو رسولِ ذيشان رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اللّٰه پاڪ جي عطا سان انهن کي زِنده ڪيو، چهرهٔ اَنوَر ڏيکاري ڪلمو پڙهايائون ۽ اُمّت ۾ شامِل ڪري صَحَابي واري درجي تي فائِز ڪيائون. اهڙي صَحَابيت ڪنهن ٻي جي حِصّي ۾ نہ آئي.

## اَهلِ سُنّت جا ٻہ سچا ۽ پيارا عقيدا

اي عاشقانِ رسول! ”صَحَابِي“ تمام اونچي رُتبي وارا آهن. قرآن ۽ حديث مان ثابِت شُده اَهلِ حق اَهلِ سُنّت و جماعت جا ٻہ عقيدا آهن: (١): ڪو ولي ڪيتري ئي وڏي رتبي وارو هجي، ڪنهن صَحَابِي جي رُتبي کي نٿو پهچي سگهي. (٢): تمام صَحَابہ ڪرام جنتي آهن، اهي جهنم جو هلڪو آواز بہ نہ ٻڌندا.

ہر صحابی نبی! جنتی! جنتی!
والدینِ نبی! جنتی! جنتی!

اي عاشقانِ رسول: ڇا اوهان کي صحابہ جي شان بابت خبر آهي! صحابہ جو شان اهو آهي جو انهن جي عزت ڪرڻ جو حڪم الله جي آخري نبي ارشاد فرمايائون. [1] صحابہ جو شان اهو آهي جو انهن کي امت ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو فرمايو ويو. [2] صحابہ جو شان اهو آهي جو انهن کي ڏسڻ واري کي باهہ نہ ڇُهندي.[3] صحابہ جو شان اهو آهي جو انهن سان محبت ڪرڻ الله جي رسول سان محبت ڪرڻ آهي ۽ انهن سان بغض رکڻ الله جي رسول سان بغض رکڻ آهي[4] ۽ انهن جو دفاع ڪرڻ وارا بروزِ قيامت الله جي آخري نبي محمد عربي جي حفاظت ۾ هوندا. [5]

**والدينِ مصطفيٰ صحابي آهن** ۽ هر صحابي جنتي آهي. **والدينِ مصطفيٰ صحابي آهن** ۽ صحابي هن امت جا سڀ کان بهترين افراد آهن. **والدينِ مصطفيٰ صحابي آهن** ۽ هر صحابي هن امت جي لاءِ امان آهن. **والدينِ مصطفيٰ صحابي آهن** ۽ صحابي سان محبت ڪرڻ حضور سان محبت ڪرڻ آهي. ۽ انهن سان بغض رکڻ حضور سان بغض رکڻ آهي. **والدينِ مصطفيٰ صحابي آهن** ۽ جيڪو صحابي جنهن هنڌ وفات ماڻي ڪالهہ بروزِ قيامت اتي جي رهڻ وارن جو پيشوا ۽ انهن جي لاءِ نور ٿيندو.

**حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبين جي

---

[1] … ترمذی، ابواب الفتن، باب ماجاء فی لزوم الجماعة، صفحه۵۲۲، حدیث:۲۱۶۵

[2] … ترمذی، ابواب الفتن، باب ماجاء فی لزوم الجماعة، صفحه۵۲۲، حدیث:۲۱۶۵

[3] … سنن الترمذی، باب ما جاءفی فضل من رای النبی ﷺ،صفحه۸۶۹،حدیث:۳۸۶۲

[4] … سنن الترمذی، باب فیمن سب اصحاب النبیﷺ، صفحه۸۷۰، حدیث:۳۸۶۶

[5] … فضائل صحابه لاحمد بن حنبل، جلد۱/۶۳

سردار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيدائش کان پهريان سندن تشريف آوري جي ڏوم متل هئي. ماڻهو سندن نبوت، سندن بت شڪني ۽ بين اعلي صفتن جا ڳڻ ڳائي رهيا هئا، حضرت عبدُالله رَضِيَ اللهُ عَنْه کوڙ سارا عجائبات پاڻ ڏٺا. سيده آمنہ خاتون رَضِيَ اللهُ عَنْها ولادتِ پاڪ جي ڏينهن ۾ ڪافي معجزن جو مشاهدو ڪيو هو. اصحابِ فيل جو عجيب ۽ غريب واقعو ڏٺائون تہ جماعتِ فيل کي ابابيل ماري ڇڏيو، هر مهيني هڪ پيغمبر خواب ۾ حضرت آمنہ کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بشارت، سندن وصفن جي خبر ڏيندو رهيو، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْها ولادتِ مصطفيٰ جي وقت مڪي ۾ رهندي شام جي محلن کي ڏسي ورتو هو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْها پنهنجي گل جي اظهارِ نبوت کان پهريان ئي سندن نبي هئڻ جي تصديق فرمائي جيئن

هڪ ڀيري حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ عَنْها والدهءِ مصطفيٰ حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْها کي عرض ڪيو تہ توهان جي لختِ جگر جو سينو ڪوليو ويو آهي، مان ڊڄان ٿي تہ ان فرمايائون: نہ ڊڄو! هي سچا نبي آهن، انهن کي شيطان يا ان کان علاوه ڪو بيو نقصان نٿو پهچائي سگهي. جنهن کي الله پاڪ هن ڳالهہ جو علم ڏنو تہ انهن جو پٽ آخري نبي آهي ڇا ان جي ايمان ۾ شڪ ڪري سگهجي ٿو؟

والدينِ مصطفيٰ الله پاڪ تي ايمان رکندڙ هئا ۽ ان کي هڪ مڃڻ وارا هئا تڏهن تہ انهن جا نالا عبدُ الله ۽ آمنہ ٿيا. عبدُ الله جي معني آهي الله جو ٻانهو ۽ آمنہ جي معني آهي الله جي امانت رکڻ واري يا دنيا کي امن ڏيڻ واري بيبي يا ايمان واري. اهي نالا ٻڌائن ٿا تہ انهن کي پنهنجي رب تي ايمان هو اهي شرڪ کان پاڪ هئا.

والدِ مصطفيٰ جنتي جنتي

مادَرِ مصطفيٰ جنتي جنتي

والدين مصطفيٰ جنتي جنتي

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اِجتِماع

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ عشق مدينہ وڌائڻ، يادِ مدينہ، ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ، گُناهن ۽ فضوليات کان بچڻ، سني، بامقصد، سنتن ڀري ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب حِصّو وٺو، اِن شآءَ الله الڪرِيم! دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: هفتيوار اِجتِماع.

الحمد لله! هر جمعرات جو نمازِ مغرب کان بعد ۽ ڪن هنڌن تي نمازِ عِشَاء کان بعد دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن ڀريو اِجتِماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تِلاوت، نعت، بيان ۽ ذِڪر ۽ دُعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقا پڻ لڳايا ويندا آهن، ايئن هفتيوار اِجتِماع جي ذريعي نيڪيون ڪمائڻ ۽ عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو خوب موقعو ملندو آهي، اوهان بہ پَڪي نيت ڪيو جو اِن شآءَ الله الڪرِيم! هر جمعرات پابندي سان پاڻ بہ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندس ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ٻين کي بہ گڏ وٺي ايندس.

## ٽيبل ٽينس جو شوقين ڪيئن سُڌريو...؟

ڪراچي جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاء جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هو مذهبي ذِهن نہ هئڻ جي ڪري فضوليات ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري رهيو هو، گُناهن جو بہ سلسلو هو، ۽ ان کي ٽيبل ٽينس جو بيحد شوق هو، شام ٿيندي ئي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويندو هو ۽ بعض اَوقات اهو سلسلو رات دير تائين جارِي رهندو، هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ

هڪ اسلامي ڀاء ان کي ۽ ان سان گڏ ڪيڏڻ وارن کي نماز پڙهڻ ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، اسلامي ڀائر ان کي مسلسل نيڪي جي دعوت پيش ڪندا رهيا، آخر هو ٽيبل ٽينس جو شوقين هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو، الحمد لله! هفتيوار اجتماع جي برڪت سان آهستہ آهستہ ان جي دِل نرم ٿي وئي، ان جي اونداهہ دِل جي ڪارڻ لهڻ لڳي، ان پنهنجي تمام گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ فضوليات کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

| | |
|---|---|
| يہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی | دِلائے گا خوفِ خُدا مدنی ماحول |
| تُو آپے نمازی' نمازی دیتا ہے | خُدا کے کرم سے بَنَا مدنی ماحول |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايپلي ڪيشن جو تعارف

## ڪلموءِ دعا

اَلحَمدُ لِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ سنتن جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ ڪم و بيش 100 شعبن (Departments) ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي.اَلحَمدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ (I.T Department)عاشقانِ رسول جي لاءِ ڪوڙ ساريون موبائل ايپلي ڪيشنز (Applications) جاري ڪيون آهن. ٻارن جي تربيت جي لاءِ هڪ بهترين موبائل ايپلي ڪيشن بنام ڪلمہ ۽ دعا"Kalma and Dua" بہ جاري ڪئي آهي جنهن ۾ مڪمل 6 ڪلما، پياريون پياريون دعائون، سنتون ۽ آداب دلڪش انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. اها ايپلي ڪيشن اردو ۽ انگلش زبان ۾ آهي. اها ايپلي ڪيشن والدين جي لاءِ ٻارن کي **اسلامي ماحول** ڏيڻ ۾ وڏي معاون ۽ مددگار آهي، لهٰذا هن مان ڀرپور فائدو ڪٽي سگهجي ٿو. اڄڪلهہ عموماً ٻار **ويڊيو گيمز** (Video

(Games ۽ **ڪارٽون** وغيره ڏسڻ ۾ تمام گھڻو وقت ضايع ڪن ٿا، هن ايپلي ڪيشن جي برڪت سان ٻار **علمِ دين سکندا، دُعائون ياد ڪندا، سُنّتون ۽ آداب سکندا.** اِن شَآءَ الله

اوهان پنهنجون قيمتي تجويزون ۽ مشورا ايپلي ڪيشن جي فيڊ بيڪ تي ڏئي سگهو ٿا. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ اها ايپ انسٽال ڪيو ۽ ٻين کي به انسٽال ڪرڻ جو مشورو ڏيو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي خوشبو جون ڪجھ سنتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو:

## خوشبو جون سُنّتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! خُوشبو جي سُنتن ۽ آداب جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. پهريان هڪ فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪيو: چار شيون نبين جي سُنّت ۾ داخل آهن: نڪاح، مسواڪ، حياءُ ۽ خوشبو لڳائڻ.[1] ★ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خوشبو جو تُحفو رد نہ ڪندا هئا.[2] ★ جمعي نماز جي لاءِ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي.[3] ★نماز ۾ ربّ ڪريم سان مُناجات آهي تہ ان جي لاءِ زينت ڪرڻ عطر لڳائڻ مُستَحب آهي[4] ★ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ عمده خوشبو استعمال ڪندا ها ۽ هن جي ٻين ماڻهن کي پڻ تلقين ڪندا هئا.[5] ★ناخوشگوار بُو يعني بدبو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناپسند ڪندا

---

[1] … مشکاۃالمصابیح، کتاب الطھارۃ، باب السواک،۱/۸۸، حدیث:۳۸۲

[2] … سنتیں اور آداب ص۸۵

[3] … بہار شریعت ۱/۷۷۴،حصہ ۴ملخصاً

[4] … نیکی کی دعوت، ص۲۰۷

[5] … سنتیں اور آداب ص۸۳

ها.[1] ★مَردن کي پنهنجي لباس تي اهڙي خوشبو استعمال ڪرڻ گهرجي جنهن جي خوشبو ڦهلجي پر رنگ جا داغ وغيره نظر نہ اچن. [2] ★ عورتن جي لاءِ خوشبو جي منع هن صورت ۾ آهي جڏهن اها خوشبو اجنبي مَردن تائين پهچي، جيڪڏهن اهي گهر ۾ عطر لڳائن جنهن جي خوشبو مڙس يا اولاد، ماءُ پيءُ تائين ئي پهچي تہ حرج ناهي.[3] ★اسلامي ڀينرن کي اهڙي خوشبو نہ لڳائڻ گهرجي جنهن جي خوشبو اُڏامي غير مَردن تائي پهچي وڃي[4]★ فرمانِ مصطفيٰ: عورت جڏهن خوشبو لڳائي ڪنهن مجلس وٽان لنگهندي آهي تہ اها اهڙي ۽ اهڙي آهي يعني بدڪاره آهي .[5]

طرح طرح جون سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا بہ ڪتاب ” بهارِ شريعت “حِصو16 (312 صفحات) ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سُنتون ۽ آداب“ هدِيو ڏئي طلب ڪيو ۽ ان جو مطالعو ڪيو، سنتن جي تربِيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافِلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر بہ آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... سنتیں اور آداب ص۸۳
[2] ... سنتیں اور آداب ص۸۵
[3] ... سنتیں اور آداب ص۸۵
[4] ... سنتیں اور آداب ص۸۶
[5] ... ترمذی ،کتاب الادب ،باب ما جآء فی کراہیۃ خروج المرأۃمتعطرۃ،۴/۳۶۱،حدیث:۲۷۹۵

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151 ملخصًا

جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڑهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3)رَحمت جا ستّر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڑهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4)چه لک دُرُودشريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڑهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڑهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[3]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهلُهُ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[3]

---

1 ...القول البديع،الباب الاول،ص125

2 ... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

3 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو ته ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[1]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... تاريخ ابنِ عساکر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵